# فيضانِ امام شافعي رحمۃ اللہ علیہ

سنڌي



پيشڪش :
مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)
ترجمو :
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)


طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: فيضانِ امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه
ڇاپو پهريون: شعبان المعظم 1443هه مارچ 2022ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اگتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# فيضانِ امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

فيضانِ امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ........ 1
دعاءِ عطار ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
حسن سلوڪ جي بهترين مثال ........ 1
عزت ۽ شرافت جي انتهاء ........ 2
امڙ سائڻ جو خواب ........ 3
ولادت باسعادت ........ 3
شعرن جي ڳولها ڇڏي ڪري طلبِ علم دين ........ 4
علم دين جو شوق ........ 4
امام شافعي جي فضليت بزبانِ آخري نبي (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ........ 5
40 سال ڪان دُعا ........ 5
عالمِ مدينہ امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضري ........ 6
مجتهد ڇا ڪي چئبو آهي ........ 7
امام مالڪ جو امام شافعي ڪي تحفو ........ 8
مديني ۾ اگهاڙي پير رهڻ عاشقن جو طريقو آهي ........ 8
”سخي“ جي 3 حرفن جي نسبت سان سخاوتِ امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا ٽي واقعا ........ 9
(1) هڪ هزار سون جا سڪا ورهايا ........ 9
(2) پنجاهه هزار دينار ........ 9

(3) شاگردن سان حسنِ سلوڪ ............................ 10
امام شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي ڏاڙهي مبارڪ .................... 11
مسجدِ حرام ۾ ديني مسئلا بيان ڪرڻ جو ديني حلقو ............ 12
عافيت جو سوال ڪيو ................................ 12
استاد ۽ شاگرد جي طرف موڪليندا هئا ...................... 13
امام شافعي، امام محمد جي خدمت ۾ ...................... 13
پانهنجو ٿلهو چوٿئي ٿو؟ ................................ 14
امام شافعي جي امام اعظم کان عقيدت ۽ محبت ................ 14
مزاراتِ اولياء جون برڪتون ............................ 15
اسلام جا پهريان خليفه ................................ 16
اُمتِ محبوب جي لاءِ دعائون ............................ 16
خوفِ خدا سبب بي هوش ٿي ويا .......................... 17
عبادتون ۽ نيڪ عادتون ................................ 18

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# فيضانِ امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه

## دعاءِ عطار

ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”فيضانِ امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي علمِ دين جي لازوال دولت کان مالامال فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه: مان هر مسلمان جي لاءِ پسند ڪيان ٿو تہ هُو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهي.

(طبقات الکبریٰ للشعرانی، 74/1)

بیٹھتے اُٹھتے جاگتے سوتے
ہو الٰہی مرا شِعار دُرود

دل میں جلوے بسے ہوئے تیرے
لب سے جاری ہو بار بار دُرود

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! ❀❀❀ صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حسن سلوڪ جي بهترين مثال

منقول آهي تہ هڪ پيرو امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪنهن درزي کان قميص (Kameez) (Long Shirt) سبرائي. درزي سندن مقام ۽ مرتبي کان ناواقف هو. اُن مذاق ڪندي ساڄي آستين(Right sleeve) ايتري سوڙهي سِبي ڇڏي جو اُن ۾ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو هٿ مشڪل سان داخل ٿيندو هو ۽ کاٻي (Left) آستين ايتري موڪري سبي جو اُن ۾ مٿو بہ داخل ٿي ويندو هو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ جڏهن قميص پيش ڪئي وئي تہ پاڻ فرمايائون: اللّٰه پاڪ! توهان کي جزاءِ خير عطا فرمائي! سوڙهي آستين

وُضُو ۾ متي ڪرڻ جي لاءِ بهتر آهي ۽ موڪري آستين ڪتاب رکڻ جي لاءِ مناسب آهي. اجا امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه اها گفتگو فرمائي ئي رهيا هئا تہ وقت جي خليفي جو هڪ قاصِد 10 هزار دِرهم کڻي سندن خِدمت ۾ حاضِر ٿيو. درزي بہ وٽن ئي موجود هو، امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه قاصِد کي فرمايو: درزي کي سِلائي جي رقم ڏئي ڇڏيو! جڏهن درزي قاصِد کان سندن بابت پڇيو تہ ان ٻڌايو: هي بزرگ حضرت امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه آهن. ايترو ٻڌندي ئي درزي پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضِر ٿيو، ان پير چُمي معافي گهري ۽ امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي بابرڪت خِدمت ئي ۾ رهڻ لڳو ۽ سندن محبت ڪرڻ وارن ۾ شامل ٿي ويو. (الروض الفائق،ص 208)

**اللّٰه رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان اسان جي بزرگن جو حسن اخلاق ڏٺو؟ جيتوڻيڪ معاملو ڪاوڙ ڏيارڻ وارو هو پر انتقام نہ وٺڻ جو خوبصورت جذبو رکڻ واري علم ۽ حلم(بردباري) جي امام، حضرت امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي شان تي قربان! پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه نہ صرف درزي کي معاف فرمايو بلڪ اُن کي اُجرت سان بہ نوازيو.

## عزت ۽ شرافت جي انتهاء

ڪروڙين شافعين جي امام، ٻئي صدي هجري جي عظيم تبع تابعي بُزرگ، حضرتِ امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو مبارڪ نالو محمد، ڪنيت ابو

عبدالله ۽ والدِ محترم جو نالو اِدريس هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ لقب ناصِرُ الحديث بہ آهي. پاڻ راتين جو جاڳي عبادت ڪرڻ وارا، دنيا جي لذتن کان پري رهڻ وارا، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ وارا هئا. سندن شجرو نسب الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان وڃي ملي ٿو. امام اَبو نعيم احمد بن عبدالله اَصفَهاني شافعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه لکن ٿا: "عزت ۽ شرافت جي انتها اها آهي جو هڪ مسلمان جو خانداني تعلق سڄي مخلوق کان افضل هستي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان وڃي ملندو هجي."
(حلية الاولياء، 9/75، رقم: 13163، تاريخ بغداد، 2/66، رقم: 454)

## امڙ سائڻ جو خواب

حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت کان پهريان سندن امڙ سائڻ خواب ۾ ڏٺو تہ مُشتري سيارو(Jupiter) منهنجي بدن مان جدا ٿي مصر ۾ ڪريو پوءِ اتان کان هر شهر ۾ اُن جي روشني پکڙجي وئي آهي. خواب جي تعبير ٻڌائڻ وارن بيان ڪيو تہ اوهان مان هڪ اهڙو عالم پيدا ٿيندو جن سان خاص طور تي مصر جا ماڻهو فيض حاصل ڪندا ۽ پوءِ انهن مان ٻين شهرن وارا. (تاريخ بغداد، 2/57، رقم: 454)

## ولادت باسعادت

ڪروڙين حنفين جي عظيم امام، امام اعظم ابوحنيفہ نعمان بن ثابت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي عين وفات شريف جي ڏينهن حضرت امام شافعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه 150 هجري تي فلسطين ۾ غزه يا عسقلان جي هنڌ پيدا ٿيا. سندن عُمر مبارڪ جڏهن بہ سال ٿئي تہ ڪين والد محترم دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا

پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي امڙ سائنڻ سندن کي کڻي مکي مڪي شريف آيون، ۽ مکي شريف ۾ ئي سندن پروش پاتي ۽ علمِ دين حاصل ڪيو.
(حلية الاولياء، 76/9، رقم: 13166-13167 ، سير اعلام النبلاء، 380/8، رقم: 1539)

## شعرن جي ڳولها ڇڏي ڪري طلبِ علم دين

حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان ننڍڙي عمر ۾ شعرن جي ڳولها ڪري لکندو رهندو هيس، هڪ ڏينهن مڪي شريف ۾ يا مڪي جي هڪ طرف وڃي رهيو هيس ته مون کنهن سڏيندڙ کي ٻڌو ”اي محمد بن ادريس! توهان علم حاصل ڪيو.“ مون پويان مڙي ڏٺو ته ڪوبہ نظر نہ آيو پر پوءِ مون علم حاصل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مان ڦاٽل پراڻن ڪپڙن جي ٽڪڙن تي علم جون ڳالهيون لکي مٽڪي (Clay pot) ۾ وجهي ڇڏيندو هيس ايستائين جو اهو پرچي ويو. مان يتيم هيس ۽ منهنجي امڙ وٽ تعليمي اخراجات جي لاءِ ڪجهه بہ نہ هوندو هو.
(حلية الاولياء، 83/9، رقم: 13191)

## علم دين جو شوق

امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو بيان آهي: امڙ سائنڻ وٽ مُعلّم (Teacher) کي ڏيڻ جي لاءِ ڪجهه نہ هو، البتہ مُعلّم هن ڳالهہ تي راضي ٿي ويو تہ ان جي وڃڻ کان بعد مان(مدرسي جي) نگراني ڪندس. مون ست سالن جي عمر ۾ قرآنِ ڪريم حفظ ڪري ورتو پوءِ مسجد شريف وڃڻ لڳس ۽ علماءِ ڪرام وٽ ويهي حديث ۽ (ديني) مسئلا ياد ڪرڻ شروع ڪيا. مڪي شريف ۾ اسان جو گهر واديءِ خيف ۾ هو. مان ڪا چمڪدار هڏي ڏسندو هيس تہ اُن تي حديث ۽ مسئلو لکي وٺندو هيس، جڏهن اها هڏي مڪمل ٿئي ويندي هئي تہ مان ان کي هڪ پُراڻي مٽڪي ۾ وجهي ڇڏيندو هيس. الله پاڪ سندن تي علم جا دروازا کولي ڇڏيا

ايستائين جو حضرتِ مسلم بن خالد زنجي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن کي ترغيب ڏيندي فرمايو: ابوعبدالله! توهان فتويٰ ڏيندا ڪيو، بخدا توهان جي فتويٰ ڏيڻ جو وقت اچي چڪو آهي. حالانڪ اُن وقت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 15 سالن جا هئا. (حلية الاولياء، 82/9، رقم: 13186-، کتاب الثقات لابن حبان، 406/5، رقم: 2997 ، سير اعلام النبلاء، 380/8، رقم: 1539)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام شافعي جي فضليت بزبانِ آخري نبي (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مکي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: قريش کي گار نہ ڏيو بيشڪ انهن جو عالم زمين کي علم سان ڀري ڇڏيندو.

امام ابوبڪر بن احمد بيهقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان جي عالم سڳورن جي هڪ جماعت جو چوڻ آهي تہ هتي جنهن عالم جو ذڪر ٿيو آهي هن مان مراد حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن ۽ اها ئي ڳالهہ امام احمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان مروي آهي. (معرفة السنن و الآثار، 1/ 207)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 40 سال کان دُعا

امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: 6 ماڻهون اهڙا آهن جن جي لاءِ مان سحري جي وقت دعا ڪندو آهيان، انهن مان هڪ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ آهن. (تاريخ بغداد، 64/2، رقم: 454) حضرت يحيي بن سعيد قطان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان (40) سالن کان نماز کان بعد خاص طور تي امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

جي لاءِ دعا ڪندو آهيان. (طبقات الشافعية الكبرىٰ، 249/1) ۽ حضرت ابوبڪر بن خَلّاد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”مان هر نماز ڪان بعد امام شافعي جي لاءِ دعا ڪندو آهيان.“ (سيراعلام النبلاء، 383/8، رقم: 1539) ايوب بن سُوَيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان گمان نٿو ڪيان تہ مان امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪان بعد سندن جهڙو ڪو بيو ڏسان. (حلية الاولياء، 101/9، رقم: 13219) مامون الرشيد چون ٿا: ”مون امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هر طرح ڪان امتحان ورتو پر مون انهن ڪي هر امتحان ۾ ڪامياب ٿي پاتو“. (سيراعلام النبلاء، 382/8، رقم: 1539)

## عالمِ مدينہ امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضري

حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي چاچي سان گڏ مڪي شريف ڪان يمن تشريف وٺي ويا. جڏهن واپس موٽيا تہ پهريان حضرتِ مسلم بن خالد زنجي ۽ حضرت سفيان بن عيينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهما ڪان پڙهندا رهيا پوءِ پاڻ امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ وڃڻ ڪان پهريان(انهن جي حديث جي ڪتاب)”مؤطا امام مالڪ“ ڏه سالن جي عمر ۾ ياد ڪري ورتو، پاڻ فرمائن ٿا تہ جڏهن منهنجي عُمر 12 سال ٿئي تہ مان امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ انهن ڪي ”مؤطا“ ٻڌايان، امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ننڍڙو سمجهي ڪري فرمايو: ڪنهن جي ڳولها ڪيو جيڪو توهان جي لاءِ پڙهي. مون عرض ڪيو: حضور! جيڪڏهن اوهان ڪي منهنجو پڙهڻ چڱو لڳي تہ مون ڪان ٻڌو نہ تہ مان ڪنهن پڙهڻ واري ڪي وٺي ايندس. فرمايائون: پڙهو. مان سندن سامهون پڙهندو رهيس ايستائين جو”ڪتاب السير“ تائين پهچي ويس. پاڻ فرمايائون: پٽ! هن ڪي سنڀاليو ۽ هاڻي علمِ فقہ حاصل ڪيو ۽ اُنهيءَ ۾ لڳل رهو.
(حلية الاولياء، 78/9 – 79 - 83 ملتقطا)

## مجتهد ڇا کي چئبو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسلام ۾ 100 يا هن کان وڌيڪ مجتهدين ٿيا آهن، مجتهد اهو آهي جنهن ۾ ايتري قدر علمي لياقت ۽ قابليت هجي جو قرآني اشارن ۽ رموز کي سمجهي سگهي ۽ ڪلام جي مقصد کي سڄاڻي سگهي ۽ هن مان مسئلا ڪڍي سگهي، ناسخ و منسوخ جو پورو علم رکندو هجي. علمِ صرف و نحو، بلاغت ۾ اُن کي پوري مهارت حاصل هجي، احڪام جي تمام آيتن ۽ حديثن تي اُن جي نظر هجي. (اعلیٰ حضرت سے سوال جواب،ص 44)

حضرت امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه مجتهدِ مطلق ۽ فقہ شافعي جا باني آهن، سندن مقلدن کي شوافع چئبو آهي. دنيا ۾ حنفين کان بعد سڀ کان وڏي تعداد شوافع جي آهي. الله ڪريم امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه کي تمام گهڻي مقبوليت عطا فرمائي. صحيح العقيده حنفي هجي يا شافعي، مالڪي هجي يا حنبلي سڀئي پاڻ ۾ ڀائر آهن. اَلْحمدُلِلّٰه! هنن جو پاڻ ۾ ڪو حسد ناهي ۽ حسد ٿئي به ڪيئن ٿو سگهي جڏهن چارن ئي آئمہ مجتهدين ۾ حسد نہ هو تہ سندن مچڻ وارا ڪيئن حسد ڪندا تنهنڪري سڄي دنيا ۾ ڪٿي بہ شافعي، مالڪي يا حنبلي خوش عقيده هجن اهي اسان جا ڀائر آهن. الله پاڪ! اسان کي هنن چارن بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰه جي فيضان سان نوازي.

مالکی ہو حنبلی ہو حنفی ہو یا شافعی مت تَعَصُّب رکھنا اور کرنا نہ ان سے دشمنی

(وسائلِ بخشش،ص699)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام مالک جو امام شافعي کي تحفو

امام شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون مديني شريف ۾ امام مالک رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي دروازي تي خراسان يا مصر جا گهوڙا ٻڌل ڏٺا جيکي سندن کي تحفي (Gift) طور پيش کيا ويا هئا، ايتري قدر اعليٰ گهوڙا مون ڪڏهن نہ ڏٺا هئا. جيئن تہ مون عرض ڪيو: ”هي گهوڙا ڪيترا عمده آهن!“ فرمايائون: مان هي سيئي توهان کي تحفي ۾ ڏيان ٿو.“ مون عرض ڪيو: ”هڪ گهوڙو تہ پنهنجي لاءِ رکي ڇڏيو. فرمايائون: ”مون کي الله پاڪ کان حياء ٿو اچي تہ اُن مبارک سرزمين کي پنهنجي گهوڙي جي پيرن هيٺان لتاڙيان جنهن ۾ اُن جا پيارا پيارا آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم موجود آهن يعني سندن روضو مبارک آهي.“

(احياء العلوم، 1/48۔ الروض الفائق، ص 217)

ہاں ہاں رہِ مدینہ ہے غافل ذرا تو جاگ      او پاؤں رکھنے والے یہ جا چشم و سر کی ہے

(حدائقِ بخشش ، ص 217)

## مديني ۾ اگهاڙي پير رهڻ عاشقن جو طريقو آهي

اي عاشقانِ رسول! عاشقن جا انداز نرالا هوندا آهن، محبوب سان نسبت رکڻ واري هر شيءِ سان محبت هوندي آهي. امام مالک رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جهڙا بُزرگ جن کي عالمِ مدينہ چيو وڃي ٿو مديني شريف ۾ پيرين اگهاڙي رهندا هئا. هڪ تہ اُهو بابرڪت زمانو هو ۽ هڪ اڄوڪو دور آهي جو ڪجھ نادان ماڻهو مديني پاڪ ۾ اگهاڙا پير ڪري رهڻ جي معاملي ۾ شيطاني وسوسي جو شڪار ٿيندا آهن، ياد رکو! هر اها ڳالھ جيڪا شريعت ۽ دين کان نہ ٽڪرائي اها جائز آهي ۽ جائز ڪم تي مسلمان کي طعني مهڻي جو نشانو بڻائڻ سخت گناھ وارو ڪم آهي.

اسان جون اکيون پنهنجي بُزرگن تي بند آهن ان شاء الله اسان کي کنهن بہ شيطاني وسوسو وجھڻ واري جي ڳالهين ۾ ناهي اچڻو چوتہ

ہم عشق کے بندے ہیں کیوں بات بڑھائی ہے

## ”سخي“ جي 3 حرفن جي نسبت سان سخاوتِ امام شافعي رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَیْہ جا ٽي واقعا

### (1) هڪ هزار سون جا سڪا ورهايا

هڪ ڀيري خليفه هارون رشيد جي حڪم سان امام شافعي رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَیْہ کي هڪ هزار دينار ڏنا ويا تہ پاڻ قبولي ورتا. خليفي پنهنجي خادم سِراج کي فرمايو: هن جي پنيان وڃ ۽ ڏس تہ هي ڇا ٿو ڪري. خادم پويان ويو اُن ڏٺو تہ پاڻ رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَیْہ گهر واپس ايندي مُٺ ڀري اهي دينار ڏيندا ويا ايستائين جو گهر جي دروازي تي پهتا تہ صرف هڪ مٺ دينار باقي هئاء اهي بہ پاڻ رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَیْہ پنهنجي خادم کي ڏيندي فرمايائون: هن مان فائدو وٺو. سراج اکين ڏٺو حال هارون رشيد کي ٻڌايو تہ اُن چيو: انهيء ڪري هن جي دل بي نياز ۽ پڪي مضبوط آهي. (حلية الاولياء، 139/9، رقم: 13410)

### (2) پنجاه هزار دينار

هڪ ڀيري حضرت امام شافعي رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَیْہ وٽ هَرثمه آيو ۽ خليفہ هارون رشيد جو سلام پهچائي چيو: خليفي اوهان کي 50 هزار دينار ڏيڻ جو چيو آهي. جيئن تہ اهو مال اوهان تائين پهچايو ويو، سندن حجم(Barber) کي گهرايو ۽ ان پاڻ رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَیْہ جا وار ناهيا تہ سندن ان کي 50 دينار ڏئي ڇڏياء پوءِ ڪپڙي جي اڳڙين مان دينارن جون ٿيلهيون(Small bags) ٻڌايون ۽ جيترا قرشي اُتي موجود هئا ۽ جيڪي

مکي شريف ۾ هئا انهن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيائون ايستائين جو جڏهن پاڻ رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه گهر پهتا ته ڪين وٽ 100 دينار ڪان به گهٽ رهجي ويا هئا.
(حلية الاولياء، 140/9 ، رقم:13413)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سخاوت نهايت عمده عادت آهي، اللّٰه ڪريم! اسان کي به پنهنجي مسمانن ڀائرن تي چڱي نيت سان مال خرچ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. رضاءِ الٰهي جي لاءِ راهِ خدا ۾ خرچ ڪيل مال تي آخرت ۾ اجر ۽ ثواب ملڻ سان گڏوگڏ سخي دل شخص دنيا ۾ به عزت ماڻيندو آهي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ ان جي محبت وڌندي آهي جڏهن ته تنگ هٿ رکڻ وارو ڪنجوس آخرت سان گڏوگڏ دنيا ۾ به ماڻهن جي نظرن ۾ ذليل ٿيندو آهي. البته بغير ضرورت شرعي ڪنهن کان سوال نه ڪرڻ گهرجي ڇوته سوال جيتوڻيڪ گهٽ قيمت ئي هجي بين جي نظر ۾ پنهنجي عزت گهٽ ڪري ڇڏيندو آهي. امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه نه صرف سخي هئا بلڪ اللّٰه پاڪ تي توڪل ڪرڻ وارا بامُروّت ۽ حسن اخلاق جا پيڪر هئا. سندن جي مبارڪ منڊي تي هيءُ لکيل هو: ڪَفٰى بِاللّٰهِ ثِقَةٌ لِمُحَمَّدِ بْنِ اِدْرِيْس يعني محمد بن ادريس جي لاءِ اللّٰه پاڪ تي اعتماد ڪرڻ ڪافي آهي. (طبقات للشعرانی،74/1)

## (3) شاگردن سان حسنِ سلوڪ

ابو ثور رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: امام شافعي رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه پنهنجي سخي دل هئڻ جي ڪري تمام گهٽ ئي پاڻ وٽ ڪجهه بچائي رکندا هئا. (حلية الاولياء،141/9،رقم:13418) امام مُزَني رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا ته مون امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه کان وڌيڪ سخي ڪنهن کي ناهي ڏٺو، عيد جي رات هڪ مسئلي تي گفتگو ڪندي مان ساڻس گڏ نڪتس، اسان سندن دروازي تي پهتاسون ته هڪ غلام آيو ۽ سندن کي چيو: منهنجي آقا اوهان کي

سلام چيو آهي ۽ هي پيسن جي ٿيلهي اوهان جي لاءِ ڏني آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اها ٿيلهي وني پنهنجي آستين ۾ رکي ڇڏي، ايتري ۾ سندن هڪ شاگرد حاضر ٿئي عرض ڪيو: اي عبدالله! هاڻي هاڻي مون وٽ ٻار جي ولادت ٿئي آهي ۽ مون وٽ ڪجھ ناهي. سندن اها ٿيلهي اُن جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ پاڻ خالي هٿين گھر هليا ويا. (حلية الاولياء، 140/9،رقم:13415) حضرتِ ربيع بن سُليمان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه چون ٿا: مان شادي ڪئي تہ اِمام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مون کان پڇيو: مهر ڪيترو رکيو اٿئي؟ مون عرض ڪيو: 30 دينار. فرمايائون: ڪيترو ادا ڪيو اٿئي؟ عرض ڪيو: ڇھ دينار. تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي گھر ويا ۽ مون ڏانهن هڪ ٿيلهي موڪلرائي جنهن ۾ 24 دينار هئا. (حلية الاولياء، 140/9،رقم:13414)

## ٻن ڪمن ۾ دلچسپي

حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي ٻن شين ۾ گھڻي دلچسپي هئي: (1) تيراندازي ۽ (2) علم حاصل ڪرڻ. مون تير اندازي ۾ ايتري قدر مهارت حاصل ڪئي جو ڏھ تير هلائيندو هيس تہ ڏھ ئي جا ڏھ نشاني تي لڳندا ها. راوي چئي ٿو تہ علم جي حوالي سان پاڻ خاموش رهيا تہ مون عرض ڪيو: الله پاڪ جو قسم! علم ۾ تہ اوهان پنهنجي تيزاندازي کان بہ وڌيڪ آهيو. (حلية الاولياء، 86/9،رقم:13196)

## امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڏاڙهي مبارڪ

امام مُزني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان وڌيڪ حسين ۽ جميل نہ ڏٺو. سندن ڳل (Cheek) مبارڪ سنهڙا هئا ۽ ڪين ڏاڙهي مبارڪ هڪ مٺ هئي. جڏهن ڏاڙهي مبارڪ تي هٿ رکندا هئا تہ هڪ

مٺ (One fist) کان وڌيڪ نہ هوندي هئي، ڏاڙهي مبارڪ تي مهندي لڳائيندا هئا ۽ خوشبو تمام گهڻي پسند ڪندا هئا.

(سير اعلام النبلاء، 8/379،415، رقم: 1539)

## مسجدِ حرام ۾ ديني مسئلا بيان ڪرڻ جو ديني حلقو

اي عاشقانِ اولياء! مڪي شريف مسجدِ حرام ۾ فتويٰ جو حلقو صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا وٽ هو، ان کان بعد عظيم تابعي بزرگ حضرت عطا بن ابي رَباح رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اهو حلقو لڳائيندا هئا، پوءِ عبدالملڪ بن عبدالعزيز بن جُرَيج رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فتويٰ ڏيڻ لڳا، ان کان بعد هي حلقو حضرت مسلم بن خالد زَنجي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي حوالي ٿيو، پوءِ هن منصب تي حضرتِ سعيد بن سالم قداح رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان پوءِ حضرتِ امام محمد شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تشريف فرما ٿيا جڏهن تہ پاڻ اُن وقت نوجوان هئا. (حلية الاولياء، 9/100،رقم:13216)

## عافيت جو سوال ڪيو

هڪ ڀيري حضرت امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سخت بيمار ٿي پيا ۽ هيءَ دعا ڪندا رهيا: ”اي الله پاڪ! جيڪڏهن هن بيماري ۾ تون راضي آهين تہ هن ۾ وڌيڪ اضافو فرماءِ. تہ شهر جي اطراف مان حضرت ادريس بن يحيي مَعافِري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سندن ڏانهن خط موڪليو:”اي ابوعبدالله! اسان جي لاءِ بهتر اهو آهي تہ اسان الله پاڪ کان عافيت جو سوال ڪندا ڪيون.“ ان کان بعد حضرت امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي قول کان رجوع ڪندي عرض ڪيو:”مان الله پاڪ کان مغفرت طلب ڪيان ٿو ۽ ان جي بارگاهہ ۾ توبہ ڪيان ٿو. پوءِ پاڻ هيئن دعا ڪندا هئا: اَللّٰهُمَّ اجۡعَلۡ خَيۡرَتِيۡ فِيۡمَا اُحِبُّ يعني اي الله پاڪ! منهنجي ڀلائي انهن ڪمن ۾ رکي ڇڏ جن

کي مان پسند ڪريان ٿو. (قوت القلوب،270/1ملتقطا)

## استاد به شاگرد جي طرف موڪليندا ها

امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا ڏوهٽا احمد بن محمد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون پنهنجي والدِ محترم ۽ چاچا سائين کان ٻڌو ته جڏهن حضرتِ سفيان بن عُيينه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کان تفسير ۽ خواب جي متعلق ڪا ڳالهه پڇي ويندي هئي ته پاڻ امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي طرف متوجهه ٿي فرمائيندا هئا: اها ڳالهه هن کان پڇو. (حلية الاولياء،98/9،رقم:13207)

## امام شافعي، امام محمد جي خدمت ۾

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! فقهِ حنفي جي عظيم امام، امام اعظم جي شاگرد رشيد امام محمد بن حسن شيباني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي استادن مان آهن. جڏهن امام شافعي عراق تشريف وٺي آيا ته امام اعظم جي قابل ترين شاگرد حضرت امام يوسف رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو انتقال ٿي چڪو هو. (تاريخ بغداد، 55/2، رقم: 454، سير اعلام النبلاء،397/8، رقم:1539) امام محمد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه حضرت امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي بيواهه والده کان نڪاح ڪيو هو ۽ امام شافعي ئي کي پنهنجو سڄو مال ۽ ڪتب خانو(Library) ڏئي ڇڏيو هو. امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي فقيهه ۽ مجتهد هئڻ جو سڀ کان وڏو ۽ حقيقي سبب اهو ئي آهي پاڻ امام شافعي فرمائن ٿا: جيڪو شخص علمِ فقهه حاصل ڪرڻ چاهي ان کي حضرت امام اعظم ابو حنيفه ۽ سندن شاگردن ۽ ساٿين(رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم) جو دامن پڪڙڻ گهرجي ڇوته حقائق هنن تي کوليا ويا آهن ۽ معنائن ۽ مفهومن تائين پهچ انهن جي لاءِ آسان بڻائي وئي آهي پوءِ فرمايائون: خدا جو قسم! مان هرگز فقيه (يعني عالم) نه

ٿيان ها جيڪڏهن مان محمد بن حسن شيباني جو دامن نہ پڪڙيان ها ۽ سندن ڪتاب مون وٽ نہ هجن ها. (بہارِ شريعت، 1040/3، حصہ:19بتغير)

حضرت ربيع بن سليمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چون ٿا: مان حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي فرمائيندي ٻڌو تہ مون امام محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان بُختي اُٺ جي وزن برابر علم سکيو ۽ اهو سيئي مون بذاتِ خود ٻڌو آهي.(حلية الاولياء،86/9،رقم:13198) هڪ موقعي تي امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: فقه ۾ مون تي سڀ کان وڌيڪ جنهن شخص جو احسان (Favour) آهي اهو امام محمد بن حسن شيباني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهي .(تاريخِ بغداد، 173/2، رقم: 593)

## ٻانهو ٿلهو ڇو ٿئي ٿو؟

فرمانِ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه : امام محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان سواءِ ڪوبہ ٿلهو ماڻهو ڪامياب نہ ٿيو. پڇيو ويو: اهو ڇو ڀلا؟ فرمايائون: انهيءَ ڪري جو عقلمند انسان ۾ ٻن مان هڪ عادت ضرور هوندي آهي يا تہ هُو پنهنجي آخرت جي لاءِ غمگين رهندو آهي يا وري پنهنجي دنيا لاءِ ۽ غم سان ڇربي ڪڏهن بہ ناهي چڙهندي، تنهنڪري جڏهن ٻانهو ٻنهي غمن کان خالي آهي تہ پوءِ جانورن جي صف ۾ هليو ويو ۽ ڇربي چڙهڻ لڳي. (حلية الاولياء،155/9،رقم:13495)

بہت کھانے پینے سے پرہیز کرنا     کہ بسیار خوری میں نقصاں بڑا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام شافعي جي امام اعظم کان عقيدت ۽ محبت

امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بارگاهِ امام اعظم، ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۾ ادب ۽ احترام جو اهو عالم هو جو پاڻ فرمائن ٿا تہ مان حضرت امام اعظم

ابو حنيفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان برڪت حاصل ڪيان ٿو ۽ سندن قبر تي حاضري ڏيندو آهيان ۽ جڏهن مون کي ڪا ضرورت پيش ايندي آهي ته مان ٻه رڪعتون نفل نماز ادا ڪندو آهيان ۽ سندن قبر جي ويجهو اچي پنهنجي ضرورت جي لاءِ الله پاڪ کان دعا ڪندو آهيان ته منهنجي ضرورت جلد پوري ٿي ويندي آهي. ۽ هڪ مستند روايت اها آهي ته حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فجر جي نماز امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف جي ويجهو ادا ڪئي ته اُن ۾ دعاءِ قنوت نه پڙهيائون. جڏهن ته شوافع وٽ قنوت نمازِ فجر ۾ پڙهي ويندي آهي ڪنهن سندن کان سوال ڪيو ته حضور هي اوهان ڇا ڪيو؟ اوهان فجر ۾ قنوت نه پڙهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جواب ۾ ارشاد فرمايو: هي صاحبِ قبر جو ادب ۽ احترام آهي.

(بہارِ شریعت، 1046/3، حصہ:19)

ہے نام نُعمان ابنِ ثابِت، ابو حنیفہ ہے ان کی کُنیت
پکارتا ہے یہ کہہ کے عالَم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مزاراتِ اولياء جون برڪتون

اي عاشقانِ اولياء! هن واقعي مان اها به خبر پئي ته اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي مزارن تي حاضري ڏيڻ الله جي نيڪ ٻانهن جو پراڻو طريقو هلندو پيو اچي. جيڪي ماڻهو هرويرو اولياءِ ڪرام جي مزارن تي حاضري کان منع ڪن ٿا اهي سخت غلط فهمي ۾ مبتلا آهن، انهن کي گهرجي ته شيطاني وسوسن کان بچندي پاڻ به مزارن تي حاضري ڏيڻ ۽ عاشقانِ رسول کي به حاضري کان نه روڪين. البته جيڪڏهن مزار شريف جي اطراف ۾ ڪو غير شرعي معاملو هجي يا بي پردگي

وغيره هجي تہ اُن کي دل ۾ ضرور بُرو سمجهيو پر انهي سبب پاڻ کي حاضري کان محروم ڪرڻ سخت ناداني آهي. نڪ تي مَک ويهي تہ مَک کي اڏائڻ گهرجي نہ وري بانهو نڪ ئي ڪٽي ڇڏي.

## اسلام جا پهريان خليفہ

حضرت امام شافعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمايو: حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه جي خلافت تي ماڻهن اتفاق ڪيو، پوءِ پاڻ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْه کي خليفو بڻايو جڏهن تہ انهن ڇهہ افراد جي شوريٰ بڻائي تہ پنهنجن مان ڪنهن هڪ کي خليفو منتخب ڪيو تہ شوريٰ خلافت حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْه جي حوالي ڪري ڇڏي. سبب اهو هو تہ رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بعد ماڻهن ۾ وڏي بي چيني هئي ۽ انهن آسمان جي هيٺ حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللهُ عَنْه کان بهتر ڪنهن کي نہ ڏٺو تہ سندن ئي کي پنهنجو خليفو بڻايو. (حلية الاولياء،9/122،رقم:13324) حضرت ربيع رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه چون ٿا: مان پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کي اِهو فرمائيندي ٻڌو تہ رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بعد ماڻهن ۾ سڀ کان افضل حضرت ابوبڪر پوءِ عمر پوءِ عثمان ۽ پوءِ علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُم آهن (حلية الاولياء، 9/122،رقم:13324)

سایۂ مصطفیٰ مایۂ اِصطفیٰ — عِزّ و نازِ خلافت پہ لاکھوں سلام
یعنی اُس اَفضَلُ الخَلق بَعدَ الرُّسُل — ثَانِیَ اثْنَیْنِ ہجرت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اُمتِ محبوب جي لاءِ دعائون

حضرت حَسَن ڪرابِيسِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي ڪيئي ڀيرا امام شافعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه سان گڏ رهڻ جي سَعَادت ملي. پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه هڪ

ٿهائي رات نماز پڙهندا هئا، معمول مبارڪ هي هو جو ڪڏهن نماز ۾ 50 آيتن جي تلاوت ڪندا هئا ۽ ڪڏهن 100 آيتون تِلاوت ڪندا هئا. تِلاوت جو انداز هي هوندو هو جو جڏهن رحمت واري آيت تي پهچندا هئا ته الله پاڪ جي بارگاه ۾ پنهنجي لاءِ ۽ تمام مسلمانن جي لاءِ رحمت جي دُعا گهرندا هئا ۽ جڏهن عذاب واري آيت پڙهندا ها ته ان کان پناهه گهرندا هئا ۽ پنهنجي لاءِ ۽ تمام مسلمانن جي لاءِ نجات جي دُعا گهرندا هئا. (معرفة السنن والآثار،196/1)

## خوفِ خدا سبب بي هوش ٿي ويا

امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي سامهون هڪ پيرو نهايت پياري آواز ۾ هنن آيات مبارڪ جي تلاوت ڪئي وئي:

| | |
|---|---|
| هٰذَا يَوۡمُ لَا يَنۡطِقُوۡنَ ﴿۳۵﴾ وَ لَا يُؤۡذَنُ لَهُمۡ فَيَعۡتَذِرُوۡنَ ﴿۳۶﴾ (پ29،المرسلٰت:35،36) | ترجمو ڪنزالعرفان: هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ اهي نه ڳالهائي سگهندا ۽ نه انهن کي اجازت ملندي جو معذرت ڪن. |

ته سندن رنگ تبديل ٿي ويو، جسم ڪانڊارجي ويو، بدن ڪنبڻ لڳو ۽ پاڻ بيهوش ٿي زمين تي تشريف وٺي آيا. جڏهن طبيعت ڪجھ بهتر ٿئي ته بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيائين: يالله پاڪ! مان ڪوڙن جي نڪاڻن، غافل ماڻهن جي منهن موڙڻ کان تنهنجي پناهه گهران ٿو يالله پاڪ! تنهنجي پهچان رکڻ وارن جون دليون تنهنجي لاءِ جهڪي ويون ۽ تنهنجي ملاقات جو شوق رکڻ وارن جا گردن تنهنجي هيبت جي سامهون جهڪي ويا. اي منهنجا مالڪ ۽ مولٰي مون تي پنهنجو فضل ۽

ڪرم عطا فرماءِ ۽ مون کي پنهنجي بخشش واري پردي ۾ لڪائي ڇڏ ۽ پنهنجي لطف و ڪرم سان منهنجون ڪوتاهيون معاف فرماءِ.
(احياء العلوم، 45/1)

یاخدا میری مغفرت فرما — باغِ فردوس مرحمت فرما
تُو گناہوں کو کر مُعاف اللہ! — میری مقبول معذِرت فرما

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عبادتون ۽ نيڪ عادتون

امام شافعي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه رات کي ٽن حصن ۾ ورهائي رکيو هو: هڪ ٽهائي علم جي لاءِ، هڪ ٽهائي عبادت جي لاءِ ۽ هڪ ٽهائي آرام جي لاءِ.(حلية الاولياء، 143/9،رقم:13431) پاڻ رمضان المبارڪ ۾ 60 قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا ۽ سڀ نماز ۾ ختم ڪندا هئا. (حلية الاولياء،142/9،رقم:13426) پاڻ فرمايائون: مون الله پاڪ جي ڪڏهن سچي يا ڪوڙي قسم ناهي کنئي ۽ مون ڪڏهن به ڪوڙ ناهي ڳالهايو. (حلية الاولياء،136/9،رقم:13391)

اي عاشقانِ امام شافعي! ڪاش اسان کي به روزانو ڪجهه نه ڪجهه قرآنِ ڪريم پڙهڻ، ٻڌڻ جي سعادت نصيب ٿئي وڃي، ڪاش! اسان به خوفِ خدا ۾ روئون گناهن کان توبه ڪيون. الله پاڪ جي بارگاهه ۾ مٿو جهڪايون. پنج ئي نمازون باجماعت پابندي سان ادا ڪيون. ڪاش! امام شافعي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي صدقي اسان جي زبان مان به ڪڏهن ڪوڙ نه نڪري، مذاق ۾ به ڪوڙ نه ڳالهايون. ڪجھ واپاري گراهڪ ڦاسائڻ جي لاءِ الله پاڪ جي نالي جو ڪوڙو قسم تائين کڻڻ ۾ لحاظ ناهن ڪندا. ڪوڙو قسم کڻڻ ڪبيره گناهه(يعني وڏو گناهه) ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. ڪوڙو قسم مال وڪڻائي ته ڇڏي ٿو پر برڪت ختم

ڪري ٿو ڇڏي. ڳالھ ڳالھ تي قسم کڻڻ وارو پنھنجو اعتماد وڃائي ويھندو آھي. پوءِ ماڻھو اُن تي اعتبار ناھن ڪندا جيتوڻيڪ ھُو ڳالھ ۾ سچوئي چونہ ھجي. 72 نيڪ اعمال جي مطابق زندگي گذاريو اِن شَاءَ الله ڪريم! دين ۽ دنيا جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون پڻ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتون سکڻ سيکارڻ جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر ڪيو روزي ۾ برڪت سان گڏوگڏ نيڪين ۾ برڪت جو ذھن بڻجندو ۽ گناھن کان بچڻ ۾ مدد ملندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net